11

# زمين بحال ڪرڻ ۽ وڻ پوکڻ

# Restoring Land and Planting Trees


| هن باب ۾: | صفحو |
| --- | --- |
| ڪاڌ روڪڻ | 200 |
| قصو: اين جي او جا ورڪر ڪاڌ بابت آبادگارن کان سکن ٿا | 201 |
| تباهه ٿيل زمين بحال ڪرڻ | 202 |
| قدرتي بحالي | 202 |
| ٻجن جا بال ڪيئن ٺاهجن | 204 |
| قصو: وڻن کي پنهنجو پاڻ ڦٽڻ ۾ مدد ڪرڻ | 205 |
| وڻ پوکڻ | 206 |
| ڪنهن نرسريءَ ۾ وڻ پوکڻ | 209 |
| پاڻيءَ جا لنگهه ۽ ويٽلئنڊون بحال ڪرڻ | 214 |

# زمين بحال ڪرڻ ۽ وڻ پوکڻ



تندرست رهندڙ راڄن کي سدائين لاڳيتي حاصل ٿيندڙ صاف پاڻيءَ، زرخيز زمين ۽ عام طور تي وڻن ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ وسيلن تي ڀاڙڻو پوي ٿو جن جو هو بچاءُ ڪندا رهن ٿا. راڄن جي صحت سلامت ۽ بهتر رکڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته، تباهه ٿيل زمين کي بحال ڪرڻ ۽ ڪنهن زمين کي پائدار طريقي سان استعمال ڪرڻ جي ڳالهين بابت ڄاڻ هجي. جڏهن زمين تباهه ڪئي ويئي هجي، وڻ وڍيا ويا هجن ۽ هوا ۽ پاڻيءَ سبب زمين کاڌ جو شڪار ٿي ويئي هجي تڏهن اهڙا ڪيترائي طريقا آهن جن رستي اهڙيءَ زمين کي وري صحتمند ۽ زرخيز بڻائي سگهجي ٿو.

# ڪاڌ روڪڻ

زمين جي تباهي يا ڪاڌ، هوا ۽ پاڻيءَ سبب ٿئي ٿي جيڪي مٽي لوڙهي وڃن ٿا. خاص طور تي جابلو ايڪڙين جي زمين کي ڪاڌ کان بچائڻ سان زمين جي فصل اپائڻ جي لياقت وڌي وڃي ٿي، لهوارن هنڌن تي پاڻيءَ جي ذريعن کي بچائي ته مٽيءَ جي ڇيڻ ڪرڻ کان به بچاءُ ٿئي ٿو. آبادگار ڪاڌ ۽ مٽاڇري تان وهي ويندڙ پاڻيءَ جي بچائڻ لاءِ ٽن اصولن تي عمل ڪن ٿا:

1. **پاڻيءَ جي زور گهٽائڻ** لاءِ ڇَن جي مٿانهين هنڌ کان هيٺانهين هنڌ ڏانهن قدرتي رڪاوٽون پيدا ڪن ٿا.
2. **پاڻيءَ کي پکيڙڻ** لاءِ هڪ چينل/ واهڙ ناهي پاڻيءَ کي ورڇي گهربل طرف ڏانهن وهائي ڇڏين ٿا.
3. **پاڻيءَ کي زمين ۾ وهائڻ** لاءِ مِٽي کي بحال ڪن ٿا ته پاڻي ڇٽي زمين اندر هليو وڃي ٿو.

ورلي، ڪاڌ جي نشانين کي سمجهڻ ڏکيو ٿئي ٿو. ان جي هڪ نشاني اها به ٿي سگهي ٿي ته فصلن مان ايتري سني اپت ٿي نٿي سگهي جيتري اڳ ۾ ٿيندي رهندي هئي. نديون اڳ کان وڏيڪ گپ واريون ٿين ٿيون. (خاص طور تي طوفانن ڪانپوءِ) ۽ مٽي سنهي ٿي وڃي ٿي.



هن هنڌ تي ڪاڌ سبب ڀورو ٿيڻ شروع ٿيو آهي... ...جيڪو ٿوري وقت هن جيان ڏسڻ ۾ ايندو

زمين جي جن هنڌن تي اجان ڪاڌ شروع نه ٿي آهي تن هنڌن تي جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، گهٽي ۾ گهٽا وڻ ٻوٽا پوکي مٽاڇري تي وهندڙ پاڻيءَ کي دٻن، تلائن ۽ قدرتي وهڪرن ڏانهن ڦيرائڻ سان ڪاڌ کي روڪي سگهجي ٿو. جن هنڌن تي سنگين ڪاڌ ٿي چڪي آهي تن هنڌن کي پڻ بچائي صحتمند مٽيءَ ۾ بحال ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهڙن هنڌن تي پٿرن جو ٻنويا لهواري هنڌ کي پٿرن جي ننڍي پت ٺئي ڇڏجي ته ان سان به لهوارن هنڌن ڏانهن مٽيءَ جي لڙهي وڃڻ کي روڪي، وڻن ۽ ٻوٽن پوکڻ لاءِ زرخيز هنڌ پيدا ڪري سگهجن ٿا. ان ڪانسواءِ، پوک جا پائدار طريقا جهڙوڪ سائو ڀاڻ (green manure)، واري وٽيءَ سان پوکي ڪرڻ، ملچنگ (mulching) ۽ فصلن سان گڏ وڻ پوکڻ به اهڙا طريقا آهن جن سان مٽيءَ جو بچاءُ ٿئي ۽ پاڻيءَ جي ذريعن کي سانڍي سگهجي ٿو (ڏسو باب 15).

## اين جي او جا ورڪر، ڪاڏ بابت آبادگارن کان سکن ٿا



انڊيا ۾ ڪرناٽڪا جي هڪ ضلعي گلبارگا (Gulbarga) ۾ هڪ اين جي او آبادگارن سان گڏجي سندن ٻنين ۾ زمين جي ڪاڏ روڪڻ لاءِ ڪم ڪيو. آبادگارن رسمي طور تي وڏن پٿرن جي هڪ اهڙي روڪ پيدا ڪئي ٿي جنهن سان گهٽي پاڳي مٽي گڏ ٿيندي ٿي رهي پر جيئن ته منجهس هيٺان ڪيترائي سوراخ به ڪيا ويا هيا تن رستي سڄو پاڻي وهي ٿي ويو ۽ ائين چوماسي جي مند ۾ به ٿيندو ٿي رهيو.

اين جي او جي ورڪرن ڏٺو ته، پٿرن جي روڪ باوجود ڪجهه مٽي وهي هيٺانهين زمين تي وڃي ٿي پهتي ۽ جڏهن زمين جي هيٺانهين ڪنارن سان وڏن پٿرن جي روڪ ڏني ٿي وئي ته ڪجهه پٿر لڙهي ٿي ويا جن کي هيٺان گڏ ڪري ٻيهر رکڻو ٿي پيو. ان لاءِ هنن کين صلاح ڏني ته، رڳو نهرن پٿرن جي روڪ ٺاهين جيڪا مٽيءَ جي زيان کي مڪمل طور تي روڪي سگهندي ۽ ان جي هر هر مرمت به ڪرڻي نه پوندي.

ان تي آبادگارن چيو ته، کين چند پٿرن جي متائڻ تي ڪو به اعتراض ناهي جيڪا ڳالهه اين جي او وارا سمجهي نه سگهيا. آبادگارن کي پٿرن جي روڪ ٺاهڻ ۾ گهڻو ڪم ڪرڻو پيو پر ان سان به مٽي لڙهي ٿي وئي. جنهن سبب ڪاڏ تي مڪمل طور تي ضابطو ٿي نٿي سگهيو. ان سبب کين هڪ آزمودي ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي ته هو ڪن هنڌن تي ننڍن پٿرن جون نهريون پٽيون ٺاهي ته ٻين هنڌن تي رسمي اڏون جوڙي ڏسن.

موسم جي پڇاڙيءَ ۾ اين جي او وارن ۽ آبادگارن گڏجي مٿئين تجربي جا اثر پيٽي ڏٺا. گهڻا آبادگار جن جون زمينون هيٺانهيون ۽ نهرين پٽين واريون هيون خوش نه هيا جو مال ننڍيون پٽيون ٽپي سندن زمينون پيليندو رهيو ۽ چوماسي ڪانپوءِ انهن آبادگارن کي سارين جي پوک لاءِ اڳ کان گهٽ نئين مٽي ۽ پاڻي حاصل ٿيو.

انهن مسئلن سبب هيٺانهين زمينن جي مالڪن جو مٿانهين زمين جي مالڪن سان بحث شروع ٿيو. آزمودي مان پڌرو ٿيو ته، آبادگارن جي پنهنجين رسمي طور تي ٺهيل رڪاوٽن بهتر ڪم ٿي ڪيو بنسبت نون ۽ "سڌاريل پٽين" جي. جنهن تي آبادگارن اين جي او وارن کي ٻڌايو ته، پٿرن جي نهرين پٽين تمام گهڻا مسئلا پيدا ڪيا. هن آزمودي مان اين جي او وارن سمجهيو ته، آبادگارن جي رسمي رڪاوٽن نه رڳو زمين جي ڪاڏ کي ٿي روڪيو پر مال کي ٽپي اوسيتائين پهچڻ به نه ٿي ڏنو.

# تباهه ٿيل زمين بحال ڪرڻ

ورلي، زمين اهڙي تہ تباهہ ٿي وڃي ٿي جو ان کي ٻيهر بحال ڪري صحتمند ڪرڻ جهڙوڪر ناممڪن لڳي ٿو. جن هنڌن جي صحتمند زمين، ريگستان ۾ متجي وڃي ٿي يا جڏهن ڪيميائي زهريلي مادن سبب اها وڻ ٽڻ اپائي نٿي سگهي تہ اهڙيءَ زمين کي بحال ٿيڻ ۾ سوين سال لڳي سگهن ٿا. جڏهن تہ، ڪيترن هنڌن تي ڏيان سان ڪم ڪرڻ ۽ زمين جنهن طرح سان پنهنجو پاڻکي بحال ڪري ٿي انهن طريقن کي سمجهڻ سان، اسان زمين کي پاڻيري ٿيڻ ۾ مدد ڪري سگهون ٿا.

ڪوبہ فرد پنهنجيءَ طاقت سان، زمين کي اُپائيتو ڪري نٿو سگهي. جڏهن تہ ڪيميائي ڀاڻن جي زور تي بہ اپت نہ ڏيندڙ زمين ٿورڙي وقت لاءِ زرخيز ٿي سگهي ٿي. پر جي قدرتي ڦيرن ڏانهن ڌيان ڏيون تہ زمين لاءِ اهڙيون گهربل حالتون پيدا ڪري سگهون ٿا، جن رستي زمين پاڻکي هڪ صحتمند ۽ زرخيز جسم ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي.

## قدرتي بحالي

ورلي، زمين کي سنوارڻ جو هڪ بهترين طريقو هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ، ان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجي يا ننڍڙن طريقن سان سنوارجي. اهڙي زمين کي لوڙها ڏيڻ يا ماڻهن لاءِ اتي اهو لکي ڇڏڻ تہ، هن پاسي نہ اچو يا ان تي چرندڙ مال جي انگ گهٽائي ڇڏڻ سان بہ اهڙي زمين آهستي آهستي هڪ ڊگهي عرصي کانپوءِ پاڻيري ٿي وڃي ٿي.



جيڪڏهن اهڙي زمين کي استعمال ڪرڻ کان بچايو ۽ ان جي سرسبز ٿيڻ لاءِ حالتون موافق بڻايون وڃن تہ وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا قدرتي طور تي پاڻهي ڦٽڻ شروع ڪن ٿا. تڏهن اهڙي طريقي کي، قدرتي بحالي (natural succession) سڏجي ٿو ۽ اهڙي عمل کي مڪمل ٿيڻ ۾ ڪيترائي سال بلڪ زمانہ لڳي وڃن ٿا.

قدرتي بحالي تڏهن ڪامياب ٿي نٿي سگهي جڏهن:

- اتي ٻجن رسڻ جو ڪو رستو / ذريعو نہ هجي يا آسپاس ۾ ديسي وڻ موجود نہ هجن.
- تيزي سان وڌندڙ وڻ ۽ ٻوٽا، گهربل وڻن ۽ ٻوٽن تي حاوي ٿي وڃن.
- زمين ايتري خراب يا غليظ ٿي ويئي هجي جو اتي ڪجهہ بہ ڦٽي نہ سگهي (تيل هارجڻ کانپوءِ اهڙي زمين سنوارڻ جي ڳالهہ لاءِ ڏسو ص. 520).

## مقامي ۽ غير مقامي وڻ ۽ ٻوٽا

مقامي ٻوٽا (ڪنهن مقامي هنڌ جا اصلي)، مقامي حالتن ۾ سولائيءَ سان واڌ ڪري سگهن ٿا ۽ مقامي جيتن، پکين ۽ جانورن کي موهت ڪري گهر مهيا ڪن ٿا. ائين اهڙن هنڌن تي قدرتي طور تي گوناگون جيوت جي سانڍ ٿيندي رهي ٿي.

ورلي، اهڙا ٻوٽا جيڪي مقامي تہ نٿا ٿين پر اهڙي مقامي هنڌ تي ان سبب پسند ڪيا وڃن ٿا جو تيزيءَ سان واڌ ويجهہ ڪن ٿا، سنو عمارتي ڪاٺ پيدا ڪن ٿا ۽ زمين کي سنوارڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ڪي وڻ جهڙوڪ: بيد مشڪ، ديال، ساڳوان، نم ۽ ليڪونيا سڄي دنيا ۾ پوکيا وڃن ٿا.

جڏهن تہ، جيڪي وڻ ۽ ٻوٽا توهانجي لاءِ مقامي نٿا ٿين تن جي پوکڻ سان مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا جو ممڪن آهي تہ اهي، جَر جو گهڻو پاڻي پي وڃن، فصلن ۽ مقامي وڻن جو پاڻي جذب ۽ زمين جا غذائي جزا هڙپ ڪري وڃن. جن هنڌن تي توهان پوکڻ چاهيو ٿا انهن هنڌن تان ٻين هنڌن تائين پکڙجي وڃن يا مقامي جانورن ۽ جيتن کي رهڻ لاءِ ڪي ٻيون جايون ڳولهڻيون پون. جڏهن غير مقامي وڻ ٽڻ حاوي ٿي وڃن ٿا تڏهن قدرتي طور تي زمين کي سنوارڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

## قدرتي بحالي



1. تباھہ ٿيل زمين جي مٽي خراب ٿي وڃي ٿي ۽ اتي ڪو بہ وڻ ٽڻ ٿي نٿو سگھي.



2. اتي سڀ ڪان اڳ ۾ ننڍا سگھارا ٻوٽا جنڪي بنياد وجھندڙ ٻوٽا بہ سڏجي ٿو پيدا ٿين ٿا جتي مٽي گڏ ٿيڻ لڳي ٿي. بنياد وجھندڙ ٻوٽا پاڻي گڏ ڪن ۽ جيتن ۽ پکين کي موھت ڪن ٿا.



3. بنياد وجھندڙ ٻوٽا پنھنجين ننڍين ننڍين ترائين ۾ پاڻي، ٻج ۽ غذائي جزا گڏ ڪرڻ شروع ڪن ٿا تہ پکي بہ وڏيڪ ٻج آڻين ٿا.



4. وڏا ٻوٽا ۽ ننڍا وڻ پيدا ٿين ٿا. ٻوٽن جون پاڙون ڳتيل ٿين ۽ زمين کي ٽوڙين ٿيون. مٽي جڙڻ لڳي ٿي ۽ وڏيڪ پاڻي جھلي ٿي.



5. وڏا ٻوٽا ۽ جُھت يا ٻوڙا وري ڦٽڻ شروع ڪن ٿا ۽ زمين سنوارجي پوي ٿي.

## ٻجن جا بال/ مُنيا ڪيئن ٺاهجن

ڪنهن به ڪاٽ واري علائقي ۾ نباتاتي زندگي بحال ڪرڻ جو سولو ۽ سادو طريقو ٻجن جا بال استعمال ڪرڻ آهي. ان لاءِ هر سال جهنگلي ٻج گڏ ڪريو. ٻار ته خاص طور تي سٺي طرح سان ٻج گڏ ڪري سگهن ٿا ۽ اها سندن سکڻ لاءِ هڪ دلچسپ سرگرمي / وندر به ٿئي ٿي.

جيترو قدر ممڪن ٿي سگهي پنهنجي علائقي جي مقامي ٻوٽن جا گهڻي ۾ گهڻا ٻج گڏ ڪريو. انهن ٻجن سان ڪجهه مٽي ملائي ننڍڙا بال ٺاهيو.

**ملايو:**






**ٻج 1 حصو**

**2حصا چاٽيل ڪامپوسٽ يا مٽي جنهن ۾ وڻ پوکجي ٿو**

**3حصا چاٽيل چيڪي مٽي پٿرين بنا**

**ٿورڙو پاڻي**



ٻجن کي ڪامپوسٽ يا مٽيءَ ۽ پوءِ چيڪي مٽيءَ سان ملايو. منجهس رڳو ايترو پاڻي ملايو ته جيئن اها آلي ٿي سگهي. جيڪڏهن گهڻو پاڻي ملائيو ته ٻج جلد ڦٽي پوندا. ان مٽيءَ جا بال يا منيا ٺاهي سکڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن اس ۾ رکي ڇڏيو.

مينهوڳيءَ جي مند کان ٿورڙو اڳ ۾ يا دوران جنهن هنڌ تي وڻ پوکڻا هجن اتي اڇلائي ڇڏيو. جيڪڏهن اڳ ۾ اتي ڪائونٽر کڏا (counter trenches) ۽ رڪاوٽون ٺاهي ڇڏيون (ڏسو ص. 293) ته مٿاچري واري پاڻيءَ کي اوسيتائين رسڻ ۽ ٻجن کي ڦٽڻ ۽ واڌ ڪرڻ ۾ سهولت ٿيندي.

جڏهن مينهن پوندو ته ٻج ڦٽي پوندا. ڪامپوسٽ، ٻجن کي غذا مهيا ڪريٿو ته چيڪي مٽي انهن کي سڪڻ، ڪوئن، پکين يا اڏامي وڃڻ کان بچائي ٿي.

هڪ سال ڪانپوءِ نوان ٻوٽا پنهنجو ٻج پاڻ پيدا ڪندا ۽ ٿورڙي عرصي ۾ ڪيترا نوان وڻ ڦٽي پوندا. وڻن جي چوڌاري مٽي گڏ ٿيڻ شروع ٿيندي ۽ ڪاٽ کان بچائيندي. ايئن ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻين قسمن جا وڻ ٽڻ به پيدا ٿيڻ شروع ٿيندا. جيڪڏهن اهڙي هنڌ تي ڪو رخنو پيدا نه ڪجي ته ڪيترن سالن ڪانپوءِ اهو سڄو علائقو وڻن سان ڀرجي بحال ٿي ويندو.

## وڻن ڪي پنهنجو پاڻ ڦٽڻ ۾ مدد ڪرڻ



اوڀر آفريڪا جي سوماليه ملڪ ۾ خشڪ ساليءَ ۽ ريگستاني آبهوا سبب تمام گهڻ وڻ ٽين ٿا. جڏهن ته اهڙن وڻن جي انگ ۾ اجان به وڌيڪ گهٽتائي ان سبب آئي آهي جو جيڪي به وڻ پاڻ ڦٽن ٿا انهن مان ڪوئلو (charcoal) ٺاهيو ويجي ٿو. ڪوئلو سومالي پاڻ ته گهٽ استعمال ڪن ٿا پر ان جو هڪ وڏو حصو ٻين ملڪن کي وڪرو ڪيو ويجي ٿو. جڏهن هڪ عورت فاطمه جبرائيل جو ان مسئلي ڏانهن ڌيان ويو ته هن ڪوئلو ٻين ملڪن کي وڪري نه ڪرڻ جي هڪ مهم هلائي. سندس چوڻ هو ته "جڏهن اسانوت پنهنجي استعمال جيترو ڪوئلو مس آهي ته اسان ٻين کي پنهنجا وسيلا استعمال ڪرڻ ڪيئن ٿا ڏئي سگهون".

فاطمه جي مهم ڪامياب ٿي پر تيسيتائين وڻن تمام گهڻ وڻ وڃي بچيا هيا. ان سبب هن سوماليه ۾ نئين سر وڻن پوکڻ جي هڪ مهم هلائي. سندس ويساهه هيو ته, پنهنجن ماڻهن جي شديد غربت گهٽائڻ جو هڪ بهترين رستو وري وڻن پوکڻ ۾ آهي.

سوماليه جي زمين, تمام گهڻي گرم ۽ خشڪ هجڻ سبب اتي وڻ پوکڻ ڏکيو آهي ۽ جيئن ته سوماليه ۾ گهڻا ماڻهو متجندڙ موسمن سبب هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ ڪندا رهن ٿا ان سب عملي طرح سان اها اميد نه هئي ته ڪو ماڻهو وڻ پوکيندا ۽ انهن جي سنڀال به ڪندا. تنهنڪري فاطمه ماڻهن کي سمجهائڻ شروع ڪيو ته اهي, جيئن ته سڄي ملڪ ۾ لڏپلاڻ ڪندا رهن ٿا تنهنڪري جتي به هجن اتي ننڍڙن پٿرن جا ٻنا به ٺاهيندا رهن. جيتوڻيڪ زمين تمام گهڻي تراڪڙي آهي پر تنهن هوندي به فاطمه کي اميد هئي ته, پاڻي جنهن به هينانهن هنڌ تائين رسندو اوسيتائين وڻن جي صورت ۾ هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪندو. مينهوڳيءَ جي هڪ مختصر موسم دوران انهن ننڍڙن ٻنن رستي زرخيز مٽي ڪٽي ٿي سگهي ۽ وڻ ترڻ آهستي آهستي پنهنجو پاڻ ڦٽڻ شروع ٿيا. هاڻ اڳين ڪيترن سالن جي پيٽ ۾ سوماليه ۾ تمام گهڻا وڻ ڦٽي رهيا آهن.



## پوکڻ لاءِ ٻج تيار ڪرڻ

ڪجھ ٻج، عام طور تي جن جي ٻاهرين کل نرم ۽ ڳِرداريا رسدار ٿين ٿا اهي گڏ ڪرڻ ڪانپوءِ ترت پوکڻ گهرجن. جڏهن تہ ڪن کي پوکڻ کان اڳ ۾ ڪيترن مهينن تائين رکڻو پوي ٿو. (ٻج گڏي ڪري رکڻ لاءِ ڏسو ص. 303).

گهڻن ٻجن کي ڦٽڻ لاءِ پاڻي گهرجي ٿو. ٿلهي يا سخت کل واري ٻج کي نرم ڪرڻو يا ٽِڙڪائڻو پوي ٿو تہ جيئن پاڻي نرم ڪري سگهيس. جڏهن تہ ڊ ٻجن کي پوکڻ لاءِ اچان بہ گهٽو ڪجھ ڪرڻو پوي ٿو.





- جيڪڏهن ٻج ـ کل گهڻي سخت ناهي (جڏهن ننهن سان لهي يا ٽڙد پوي) ۽ گهڻي ٿلهي (هن ڪتاب جي پوش کان وڌيڪ ٿلهي نہ هجو اهڙي ٻج کي ڪنهن بہ گهميل زمين ۾ سنئون سڌو پوکي سگهجي ٿو.
- پر جي ٻاهرين کل ٿلهي پر سنهي آهي تہ اهڙي ٻج کي ڪپڙي ٽڪر ۾ هڪ منٽ لاءِ ايتري گهڻي گرم پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏجي جنهنکي ڇ سگهجي، پر ٿهڪندڙ ۾ نہ (80 ڊ س). پوءِ ٻج کي گرم پاڻيءَ مان هڪدم ٿڌي پاڻيءَ ۾ سڄي رات لاءِ وجهي ٻئي ڏينهن تي هٽي ڇڏجي
- سخت پر سنهيءَ کل وارن ٻجن لاءِ اهڙو بيو طريقو سڄي ڏينهن لاءِ ٿڌ پسائي ڇڏڻ ڪانپوءِ ايندڙ 24 ڪلاڪن تائين گهميل ڪپڙي ۾ ويہ آهي. اهو طريقو 6 ڏينهن تائين ورجائجي. 7 ڏينهن تي اهڙو ٻج پوکي



- پر جي ٻاهرئين کل سخت ۽ ٿلهي آهي تہ ٻج کي ڪنهن کهري پٿ پني سان تيسيتائين گسائجي جيستائين ٻج جو اندريون نرم حصو اچي. ائين ڌيان سان ڪجي تہ جيئن گهڻي اونهائيءَ ۾ گسائڻ سبہ نقصان نہ پهچي.



- جيڪڏهن ٻج جي کل نرم پر ٿلهي آهي تہ کل جي هڪ سنهي ٽُڪري لاهي ڇڏجي. ائين ڌيان سان ڪجي تہ جيئن ٻج جي گهٽ ۾ گهٽ ذري ڪٽجي سگهي.
- سخت ٻجن جي کل لاهڻ جو بهترين طريقو ڳائي ڇيڻي مليل پاڻيءَ ۾ سڄي رات پسائي ڇڏڻ ۽ پوءِ سڄو ڏينهن اس ۾ سڪائڻ آهي. اهو طريقو 3 کان 4 ڏينهن تائين ورجائجي. ائين سنا ٻج ڦٽي پوندا ۽ هٽڻ لاءِ تيار هوندا. جيڪي ٻج ڦٽي نہ سگهن اهي اڇلائي ڇڏجن.

ڪجھ ٻج اهڙا بہ ٿين ٿا جنکي هلڪيءَ باھ تي گرم ڪرڻو يا يخ ڪرڻو پوي ٿو يا جيستائين جانور انهن کي خارج نٿا ڪن تيسيتائين ڦٽي نٿا سگهن. توهان بہ اهڙن ٻجن لاءِ تجربو ڪري ڏسو تہ اهي، ڪهڙي طرح سان ڦٽي سگهن ٿا. ائين ڪيترين ڪوشش سان توهان ٻجن پوکڻ ۾ ماهر ٿي ويندو.




## قلم تيار ڪرڻ

جڏهن ڪن وڻن جا قلم هڻجن ۽ انهن کي پاڙن ۽ پنن جي ڦٽڻ تائين پاڻي ٻه ڏبو رهجي ته اهي سٺيءَ طرح سان واڌ ڪن ٿا. قلمن رستي پوکجندڙ ٻوٽا عام طور تي جلد ميوو ۽ ٻج ڏين ٿا بنسبت ٻجن رستي ڦٽندڙ وڻن جي.

ڪي قلم سنوان سڌا ان هنڌ تي هڻي سگهجن ٿا، جتي توهان وڻ پوکڻ چاهيندا هجو. جڏهن ته ٻيا نرسريءَ ۾ تيستائين پوکڻ گهرجن جيستائين جهجهيون پاڙون ۽ پن پيدا ڪري پنهنجي سر زنده رهڻ لائق نٿا ٿين.

هميشه قلمُ، شاخ جي اهڙي وچين هنڌ تان ڪيڄجي جتي ڪاٺيءَ ۾ ڪوورُ نه هجي ۽ نه ئي گهڻي سخت هجي. قلم لاءِ ڪاٺيءَ جو ڪو اهڙو ٽڪرو چونڊجي جنهن ۾ 6 کان 10 تائين "اکيون" (nodes، ٽاريءَ تي اهڙا اڀار يا ڳنڍيون جتان پن اڀرن ٿا) هجن. آهستي ۽ ڌيان سان اهڙن هنڌن تان پن پٽي ڇڏجن ته جيئن اکين کي نقصان پهچي نه سگهي. ٽاريءَ کي سڌي ڪٽڻ بجاءِ ڪنڊائتو ميڄجي ته جيئن پاڙن کي صحيح طرح سان پيدا ٿيڻ ۾ سهولت ٿي سگهي.

اهڙو قلم نرسريءَ ۾ هنيو ويندو هجي يا سڌو سنئون زمين ۾، پڪ ڪجي ته ان کي جام پاڻي ڏبو رهجي ٿو ۽ جيتن کان به بچائجي جيستائين اُيتريون پاڙون پيدا ڪري جو اهي پاڻ پاڻي لهي سگهن.

### جهنگلي ٻيجارو هڻڻ

ٻيلي پوکڻ جو هڪ ٻيو طريقو هي به ٿي سگهي ٿو ته جهنگلي ٻيجارو ڪڍي ڪنهن اهڙي هنڌ تي هڻجي جتي توهان وڻ پوکڻ چاهيو ٿا. ٻيجاري لاءِ ڪنهن اهڙي صحتمند وڻ جي چونڊ ڪجي جيڪو وڻ جي ويجهو يا هيٺان ڦٽو هجي.

ڪنهن ننڍي ٻيجاري کي ڌيان سان کوٽي ڪيڄجي ته جيئن ان جي مکيه ڊگهي پاڙ کي نقصان پهچي نه سگهي. جيڪڏهن پاڙن کي نقصان پهچندو ته وڻ سٺيءَ طرح سان واڌ ڪري نه سگهندو. ٻيجاري چوگرد چلهو ايترو اونهو کوٽجي جيستائين توهان سمجهو ٿا ته پاڙون پهتل آهن. پنهنجي هٿ يا ڪنهن اوزار رستي ٻيجاري کي لوڏڻ بنا ته جيئن پاڙن جي چوگرد مٽي ڪري يا ڇٽي نه هر ڪيڄجي.

ئين ٻيجاري کي زمين ۾ هڻو تيستائين پاڙن جي چوگرد مٽيءَ کي و، نئين هنڌ تي تيستائين پاڻي ڏيندا رهوس جيستائين پاڙون ي سر پاڻي حاصل نه ٿيون ڪن.


ٻيلي مان سلا ڪڍي پوکڻ

## ڪنهن نرسريءَ ۾ وڻ پوکڻ

نرسريءَ ۾ وڻ پوکڻ سان، اهڙن وڻن جي صحتمند واڌ ٿئي ٿي جتان پوءِ ڪيڏي ڪنهن ٻئي هنڌ پوکي سگهجن ٿا. جڏهن ته ڪا نرسري قائم ڪرڻ ۽ ان جي سنڀال ڪرڻ لاءِ گهڻو خفو ڪرڻو پوي ٿو. ڪنهن نرسريءَ ۾ وڻ پوکڻ تڏهن معقول سمجهيا وڃن ٿا جڏهن:

- اهڙن وڻن جا ٻج يا قلم هنيا وڃن جيڪي اڻلڀ هجن.
- جيڪڏهن ٻجن ۽ وڻن جو بچاءُ نه ڪبو ته جيت انهن کي چٽ ڪري ڇڏيندو.
- نرسريءَ جي سنڀال لهڻ لاءِ ماڻهن وٽ گهربل وقت هجي.

ڪنهن نرسريءَ ۾ وڻ پوکڻ ۽ پوءِ انهن جو ٻيجارو ڪيڏي ٻئي هنڌ هڻڻ کان وڌيڪ سولو ۽ سڌو سنئون طريقو وڻ پوکڻ آهي. جڏهن ته ڪيترو ٻيجارو سڌو سنئون پوکڻ سان سڙي وڃي ٿو. بنسبت ان جي ته اهي اڳ ۾ ڪنهن نرسريءَ ۾ پوکيا ويا هجن.

### وڻ پوکڻ ڪڏهن شروع ڪجي

سال جي جنهن وقت ۾ وڻ پوکجن ٿا ان جو مدار هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته، وڻن کي ڪيترو وقت نرسريءَ ۾ رکڻ ضروري ٿئي ٿو. جيڪڏهن توهانجي علائقي جي موسم گهميل ۽ خشڪ آهي ته، گهميل موسم شروع ٿيندي ئي وڻ پوکڻ شروع ڪريو ته جيئن انهن کي گهڻو پاڻي ڏيڻو نه پوي. جڏهن ته ڪيترن وڻن کي نرسريءَ ۾ 3 کان 4 مهينن تائين رکڻو پوي ٿو ته جيئن اهي ايترا وڏا ٿي وڃن جو نرسريءَ کان ٻاهر هڻي سگهجن.

### وڻن لاءِ نرسري ڪٿي هڻجي

نرسري ڪنهن اهڙي هنڌ هڻجي جتي سولائيءَ سان رسي سگهجي، ٻيجارو ڦٽي ته ڪنهن ٻئي هنڌ هڻي ۽ نرسريءَ تائين هر ڪم ڪندڙ سولائيءَ سان پهچي سگهي. هر نرسريءَ لاءِ هيٺين شين جي گهرج ٿئي ٿي:



## ڪونڊين ۾ ٻيجارو پوکڻ

ڪونڊين ۾ ٻيجارو پوکڻ سان اهو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ هٿڻ سولو ٿئي ٿو. ڪونڊيون موڪريون ۽ اونهيون هجڻ گهرجن ته جيئن، ٻيجاري جو انهن ۾ پاڙ- چٽ واڌ ڪري سگهي پر ايتريون به وڏيون نه هجڻ گهرجن جو گهٽيون ٻوريون ۽ ڪنهن وڻ جي گهرج کان وڌيڪ پاڻي جذب ڪري وٺن. ڪو ٻيجارو جيترو گهڻو وقت نرسريءَ ۾ رکبو اوترو ان لاءِ وڏي ڪونڊيءَ جي ضرورت پوندي. جڏهن ته ڪيترن وڻن لاءِ هڪ سٺي سائيز واري ڪونڊي مٿان کان 6 انچ موڪري ۽ 9 انچ اونهي ٿئي ٿي. اهي ايتريون مضبوط هجڻ گهرجن ته جيئن مٽي پرڻ ڪانپوءِ سڌيون بيهي سگهن ۽ منجهن واڌو پاڻي وهي وڃڻ لاءِ تري ۾ هڪ سوراخ هجي.



**جيڪي ٿانوَ ڳري سڙي وڃن ٿا (اخبارن، پنن ۽ پاڻن جا ٿهيل) ٻيجاري سميت سنوا سڌا زمين ۾ هڻي سگهجن ٿا. جڏهن ته پلاسٽڪ، شيشي ۽ ڪاٺ جي ٿانون مان ٻيجارو ڪڍي هٽڻو پوي ٿو ۽ اهي هر هر استعمال ڪري سگهجن ٿا.**

وڻن جي ننڍي ٻيجاري کي تيز اس کان بچائڻو پوي ٿو. جڏهن ته ڪيترا، ڏينهن جي گرميءَ دوران ڪنهن ڇانوري هيٺان سٺي واڌ ڪن ٿا.

### وڻن پوکڻ لاءِ مٽي

وڻن پوکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مٽي ڳهرگهلي هجڻ گهرجي ته جيئن، نون ڦٽندڙ وڻن جون پاڙون سڙي نه سگهن. اها غذائي جزن سان ڀڙ ڀرپور هجڻ گهرجي (ڏسو ص. 282) ته جيئن منجهس وڻ سٺيءَ طرح سان واڌ ڪري سگهي. ٻيلي، درياءَ يا واهن جي مٽي نون وڻن لاءِ تمام سٺي ٿئي ٿي.




**ٻوٽن لاءِ مٽي ڇاڻڻ**

## ڪونڊين ۾ ٻج يا قلم ڪيئن هڻجن

1. جنهن مٽيءَ ۾ ٻيجارو پوکڻ چاهيو ٿا ان کي هڪ ڏينهن اڳ ۾ پاڻي ڏيو ته جيئن گهميل رهي پر نه ڪي آلي. ٻجن کي پوکڻ کان اڳ ۾ صاف ڪريو پر ايترو گهڻو اڳ ۾ به نه جو اهي ڦٽڻ شروع ڪن يا سڙي وڃن (ڏسو ص. 304). ڪونڊين کي مٽيءَ سان پري ڇڏيو.
2. تمام ننڍڙا ٻج پوکڻ لاءِ مٽيءَ جي مٿاڇري کي ٿورڙو کوٽي، 5 کان 10 تائين ٻج ڇٽي تمام آهستگيءَ سان ساڳي مٽي، ڪاٺيءَ وغيره سان مٿان وجهي ٻج پوري ڇڏيو.



ڏگهن ٻجن پوکڻ لاءِ ڪونڊي جي وچ ۾، مٽيءَ ۾ ٻج جي موڪر کان اٽڪل 2 کان وڏيڪ اونهو سوراخ ڪريو. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته توهان هر ڪونڊيءَ ۾ ه وڏيڪ ٻج پوکڻ چاهيندا هجو. ٻجن کي مٽيءَ سان ڍڪي آهستگيءَ سان ٿورڙو ه ڪري ڇڏيو. مٽيءَ کي هيٺ زور ڏيڻ سان موجود هوا نڪري ويندي، نه ته اتي فنگس و ڪري سگهي ٿي.
3. ٻجن هڻڻ کانپوءِ ڪونڊين کي پاڻي ڏئي ڇڏيو. جيڪڏهن ٻج گهڻا ننڍڙا هجن ته پاڻي ڏيان سان ڏيون ته جيئن وهي نه وڃن.
4. جڏهن ٻجن مان 1 يا 2 پن ڦٽي پون ته انهن مان اهڙي ٻيجاري جي چونڊ ڪريو جيڪو سگهارو هجي. باقي ڪڍي ڇڏيو. ايئن هر ڪونڊيءَ ۾ رڳو هڪ ٻيجارو رکجي. توهانکي جنهن ٻيجاري جي ضرورت ناهي ان کي ڇڪي ڪڍڻ بجاءِ ڪٽي ڇڏيو ته جيئن باقي رهندڙ ٻيجاري جون پاڙون متاثر ٿي نه سگهن.

### ٻيجاري کي پاڻي ڏيڻ

نرسريءَ ۾ ٻيجاري کي پاڻي ڏيڻ تمام اهم ڪم ٿئي ٿو. پنهنجن وڻن کي بلڪل آهستي مينهن جيان پاڻي ڇٽڪارجي، نه ڪي پائپ جي پچڪاري جيان ڏجي جنهن سان مٽي ۽ اڻ ڍڪيل ٻج وهي وڃن ٿا.




ٻيجاري کي پاڻي ڏيڻ جي مقدار جو مدار ان ڳالهه تي ٿئي ٿو ته، ان جون پاڙون ڪيتريءَ اونهائيءَ تائين وڌيون آهن. ٻيجاري جا پن جيئن ئي ڪومائجڻ لڳن ته، پاڻي ڏيڻ شروع ڪجي پر بهتر اهو ئي سمجهيو وڃي ٿو ته جيئن ڪومائجڻ جي حالت پيدا ئي نه ٿئي. ڇو ته، ٻوٽي لاءِ اها ڳالهه دٻاءُ واري ٿئي ٿي.

جيستائين ٻيجاري ۾ 2 يا 3 پن موجود هجن تيستائين جڏهن به مٽيءَ جو مٿاڇرو مڪمل سڪل نظر اچي ته ان کي پاڻي ڏيڻ گهرجي.

5 کان 6 پنن جي حالت ۾ جڏهن مٽي آڱوٺي جي ننهن جيتري اونهائيءَ تائين خشڪ هجي ته پاڻي ڏيڻ گهرجي.

پوءِ جڏهن، پاڙون ڪونڊيءَ جي تري کي ڇهنديون هجن ۽ توهانجي آڱوٺي جي پهرئين سنڌ جي ڊيگهه جيتري مٽي سڪي وئي هجي ته پاڻي ڏيڻ گهرجي.

### گند گاهه ڪڍڻ ۽ زرخيزڻ

روشني، پاڻي ۽ زمين جي غذائي جزن جي پيٽ ۾ گندگاهه، وڻن جي ٻيجاري تي چڙهت ڪندو رهي ٿو. ڪونڊيءَ ۾ هلڪو ڦلڪو گندگاهه هجي ته هاڃيڪار نٿو ٿئي پر جي گهڻو هجي ته پاڙ کان اهڙيءَ طرح سان ڇڪي ڪڍي ڇڏجي ته جيئن مٽي پٽجي نه سگهجي.

جيڪڏهن توهانجي مٽي زرخيز آهي ته ٻيجاري کي گهربل غذائي وڪر ملي سگهندا. پر جي ڀاڻ ڏيڻ جي ضرورت هجي ته ڇيڻي، ڪامپوسٽ يا پيشاب مان قدرتي ڀاڻ ناهي ڏجي. (ڏسو باب 15).

## ٻيجارو روڙڻ / هٽڻ

جڏهن ٻيجاري جون پاڙون ڪونديءَ جي تري کان ٻاهر نڪرڻ شروع ڪن ( عام طور تي پوکڻ جي 3_4 مهينن کانپوءِ) تہ اهو وقت ان جي روڙڻ جو آهي. پر جي ان وقت روتي نٿا سگهو تہ هر هفتي ۾ هڪ ڀيرو ان جون پاڙون ڪٽيندا رهو. ائين ڪرڻ سان ان ٻوٽي جو ڪونديءَ ۾ پاڙن جو هڪ ڀرپور مڇو پيدا ٿيندو ۽ اهو زمين ۾ سڙڻ کان بچي پوندو.




**ٽڪنڊي طريقي پوکڻ سان ٿورڙيءَ ايراضيءَ ۾ گهڻا ٻوٽا واڌ ڪري سگهن ٿا**

اهڙي ٻيجاري کي ڪنهن هنڌ هٽڻ کان هڪ مهينو اڳ، مٿان وارو ڇپر آهستي آهستي لاهڻ شروع ڪيو تہ جيئن اتي ساڳئي مقدار جيتري اس لڳي سگهيس جيتري نئين هنڌ تي لڳڻي اٿس. ائين ڪرڻ سان ٻيجارو نئين هنڌ تي وڌيڪ روشني ۽ خشڪ حالتن جو هيراڪ ٿي سگهندو.

نئين هنڌ تي هٽڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ٻيجاري کي پاڻي ڏيو تہ جيئن ڪونديون گهميل رهن. انهن کي ڏيان سان نيو تہ جيئن پاڙن کي نقصان پهچي نہ سگهي. جتي جتي ٻيجارو هٽڻو آهي اتي نشان ڪري ڇڏيو. هر وڻ جي وچ ۾ ڪيتري وٿي رکڻي آهي ان جو مدار وڻ جي قسم ۽ مقصد/گهرج تي مدار رکي ٿو. جڏهن تہ هڪ عام اصول مطابق، وڻ اهڙي طرح سان هٽجن تہ جيئن مڪمل وڌڻ کانپوءِ انهن جون شاخون رڳو هڪٻئي کي ڇهندڙ هجن.

سڄو گندگاهہ ڪيي ڇڏيو يا ٻيجاري کي هر ان شئي کان آجو ڪريو جيڪا اس کان ڍڪيندڙ يا پاڻي پي ويندڙ هجي. اهڙيون سڀ شيون پوکجندڙ هنڌ جي 1 ميٽر گهير ۾ صاف ڪري ڇڏيو. ٻوٽو صبح جو سوير يا لڙيءَ ٻيپهريءَ جو ٿڌي وقت ۾ هٽو تہ جيئن اس کان بچي سگهن. ٻوٽي هٽڻ وقت ڏيان ڏيو تہ جيئن انهن جي پاڙن کي نقصان نہ پهچي ۽ خشڪ ٿي نہ سگهن.



چلها هر چورس ڪونديءَ جي اونهائيءَ کان ڏيڊوڻا کوٽيو. گول چلها، پاڙن کي آسپاس جي مٽيءَ تائين رسڻ نٿا ڏين.



چلهي کي مٽيءَ سان اهڙيءَ طرح سان لٽيو تہ جيئن پرجي وڃڻ کانپوءِ ٽڙ، زمين جي سنوت ۾ هجي. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ وڻ کي اپرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪامپوسٽ يا ڪاري زرخيز مٽيءَ جا ڪجهہ ٻڪ وجهڻا پون. ٻوٽي هٽڻ کانپوءِ آسپاس جي مٽيءَ کي پاڻي ڏيئي آلو ڪري ڇڏيو.

## ڏکين هنڌن تي پوکڻ / هٽڻ

جت وڻ پوکڻو آهي ان کان مٿتي 1 ميٽر گول چلهو کوٽي ۽ هڪ تراڪڙو دڪو ٺاهي ڇڏيو.

پاڻي هيٺ وهڻ کان روڪڻ لاءِ ننڍڙو دڪو ٺاهيو



اونهن لهوارن هنڌن تي هر هڪ وڻ لاءِ هڪ ننڍو دڪو ٺاهيو.



خشڪ هنڌن تي وڻن جي چوگرد خالي چلها ٺاهي ڇڏيو ته جيئن منجهن مينهن جو پاڻي گڏ ٿي سگهي.



لهوارن هنڌن تي انگريزي اکر ويءَ (V) جي شڪل جهڙا مٽيءَ جا بنا ٺاهيو ته جيئن منجهن مينهن جو پاڻي گڏ ٿي سگهي.

## نون ڦٽندڙن وڻن جي سنڀال ڪرڻ

ڪنهن به وڻ جي، پهرئين سجي سال دوران سنڀال ڪرڻ ضروري ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو وڻن پوکڻ جون ڪيتريون مهمون ان سبب ناڪامياب ٿي وڃن ٿيون جو ڪوبه واڌ ڪندڙن ٻوٽن جي سنڀال نٿو لهي. جيڪڏهن موسم گرم ۽ خشڪ هجي ته ٻيجاري کي شروعات ۾ روزانو هڪ دفعو ۽ پوءِ هر 2 يا 3 ڏينهن پاڻي ڏيڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. ڪجهه هفتن ڪانپوءِ وڻ جي پاڙن کي پاڻي لهڻ گهرجي. پر جي موسم اڃان به گرم ۽ خشڪ آهي ته وڻ کي ضرورت آهر پاڻي ڏيڻ گهرجي.

گندگاهه به تيسيتائين ڪڍبو رهجي جيسيتائين ٻوٽو گندگاهه کان ڊگهو ٿي نٿو وڃي. جيڪڏهن جانورن ۽ ٻارن سبب ڦٽندڙ ٻوٽي کي نقصان پهچڻ جو خطرو هجي ته چوگرد لوڙهو ڏئي ڇڏجي.



ننڍن ٻوٽن لاءِ جهنگلو هٽي حفاظت ڪرڻ.

جيڪڏهن وڻ سنيءَ طرح سان واڌ نه ڪندو هجي يا پن ڏسڻ ۾ پيلا ايندا يا صحتمند نه لڳندا هجن ته اهڙين حالتن ۾ قدرتي ڀاڻ ڏيڻ سان فائدو ٿئي ٿو (ڏسو ص. 287) جيڪو گول جي صورت ۾ ايتري موڪر تائين ڏجي جيستائين وڻ جون شاخون ٿي سگهن ٿيون.

